جلد ۱۱، نمبر ۴
آڪٽوبر، نومبر، ڊسمبر
سال ۱۹۶۳ع

# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ جو ٽه ماهي علمي ۽ ادبي رسالو



ndhi Academy
niversity of Sind
yderabad (W. Pak.)

سنڌي ادبي بورڊ
حيدرآباد سنڌ

# كنول



'كول پاڙون پاتال ۾، ڀونر ڀري آكاش'
(شاه)

● باني پاڪستان جي پيدائش ٢٥- ڊسمبر تي ٿي. ان ڏينهن تي هر هنڌ چراغان آهي، مسجدن ۾ دعائون آهن، جلسن ۾ تقريرون آهن، وڏن ماڻهن جا بيان آهن، اخبارن جا خاص نمبر آهن، پر ان ساري هنگامي ۾ ولولہ حيات مفقود، عمل ۽ جدوجهد مفقود! مساوات ۽ اخوت مفقود! هيٺن جي همراهيءَ جو نہ نالو نہ نشان! اخلاق ۽ شعور، ايمان ۽ امن، انسان دوستيءَ ۽ حق پسنديءَ جا جذبا لاموجود!

● نہ اسان وٽ اسلام رهيو آهي ۽ نہ اسلامي نظام ۽ عمل. نہ اسان جي قومي خصائل جو وجود، نہ اسان جي ماضيءَ جي شاندار ورثي جي حفاظت ۽ اشاعت، نہ اسان جي درخشان روايت ۽ تاريخ جو سونهري دور وري موٽي آيو! نہ اسان جي زندگيءَ کي سنوارڻ جي ڪا ڪوشش رهي آهي، ۽ نہ ڪو صحتمند نشو و نما جي ڪا آرزو. نہ ڪو جدوجهد نہ جهاد. ”اندهير هو رها هي، بجلي کي روشني مين.“

● اڄوڪو ڏينهن: اسان کي جائزي وٺڻ لاءِ مجبور ڪري رهيو آهي، اسان سوچون، تہ اسان ڇا ڇا ڪيو آهي؟ اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي ها! ۽ هاڻي اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي. اسان جي سربلندي ۽ سرافرازي جا اسباب ڪهڙا آهن. اهو آهي باني پاڪستان جو پيغام! — غ، م، گرامي

# مهراڻ

٣- ڪئنٽومينٽ حيدرآباد، سنڌ

ملڻ جو هنڌ:
١. سنڌي ادبي بورڊ بڪ اسٽال، ٣- سيول لائينس، حيدرآباد.
٢. سنڌي ادبي بورڊ بڪ اسٽال، سنڌ اسيمبلي بلڊنگ بندر روڊ، ڪراچي.
٣. سنڌ جا سڀئي سٺا ڪتب فروش.

ساليانو چندو
پاڪستان لاءِ ١٠ رپيا
ولايت لاءِ ١٢ رپيا

في ڪاپي
پاڪستان لاءِ ٣-٠٠ رپيا
ولايت لاءِ ٣-٥٠ رپيا

اشتهار في صفحو ١٠٠ رپيا

Printed and Published by the Secretary, Sindhi Adabi Board, at the Board's Printing Press, Tilak Incline, Hyderabad, (Sind).

اي جاني، هي جڳ فاني آھي، ڪن سائين لوڪ صدا، بابا!
هي عمر روان تہ، رواني ٿئي، آخر تہ فنا هي فنا، بابا!

گياني نہ رهيا، ڌياني نہ رهيا، ڪيئي جوتش لاثاني نہ رهيا،
ٿيا آخر سڀ فاني نہ رهيا، فانيءَ کي نہ آهہ بقا، بابا!

ڏس ڪهڙا ڪهڙا شاهہ ويا، افسوس نہ تن جا باقي رهيا،
نہ نشان رهيا نہ مڪانَ، نہ مڪين، بنگلا بستان نہ سرا، بابا!

نہ ڪو شاهہ رهي، نہ وزير رهي، نہ ڪو دانشمند دبير رهي،
نہ امير رهي، نہ فقير رهي، هڪ رهندو پاڻ خدا، بابا!

ڌن دولت خواب خيال آھي، اقبال ڪمال زوال آھي،
هي ميلڪ پرائو مال آھي، پنهنجي نہ آھي شيءِ ڪا، بابا!

هن دم جو قدم ٿيو سوئي عدم، هن موت ڪيا ڪئي مرد هضم،
هي ناز نعم، يا جاهَ حشم، ڪنهن سان بہ ڪندا نہ وفا، بابا!

هل هيٺو ٿي، ڪر هورو هڏ، ڇڏ ماڙيون ڪر نہ خزانو گڏ،
ٿيئي آخر نيٺ آجل جو سڏ، هيءَ ٽرندي ڪين قضا، بابا!

آچي سڀ جي قضا ۾ مرگ، بلا، آدنيٰ، آعليٰ، نہ ڇڏي آصلا،
فقرا، آغنا، شعرا، آمرا، حڪما، علما نہ بچا، بابا!

گلزار ۾ گل گل ڪين رهي، هن باغ ۾ ”بلبل“ ڪين رهي،
هي غوغا غلغل ڪين رهي، نہ ادا، نہ صدا، نہ ندا، بابا!

مرحوم شمس الدين ”بلبل“

توهه تنهنجو منگان،
توهه تنهنجو منگان... ياالله
توهه توڙائون، تنهنجو.

پيڙي ڏيان، پتارَ سان، انگي لاهي انگا.
مولا مون کي ميڙئين، دور ڪري درنگا.

ڇينون جت ڇرين ڏا، ڇت ڇترخن ڇنگا.
سيڻن ڇرون چاڙهيا، رڇن رنگ سرنگا.

پنهنجا پاڻ فضل سان، پار لنگهائين لنگا.
'قاسم' ڪرم منجهانئين، ساير پنهنجي سنگا.

خليفو نبي بخش خان لغاري مرحوم

# ا

## بيت

خليفو نبي‌بخش خان لغاري مرحوم، محمد خان ’غني‘، ’نثار‘ بزمي، ڊاڪٽر چوئٿرام گدوالي آنجهاني.

## دوها

عبدالجبار ’شام‘، قمر شهباز.

## ڪافيون

ميران محمد شاهه ’مير‘، سردار بهادر محمد بخش ’ڪوجهي‘، محمد خان ’غني‘، محمد هاشم ’نجار‘، ’نثار‘ بزمي، احمد خان ’اختر‘، علي بخش ’رضا‘.

## وائي

خليفو نبي بخش خان لغاري مرحوم، احمد خان ’اختر‘، احمد خان ’آصف‘.

## گيت

ڪوورڌن محبوباڻي، ’نثار‘ بزمي.

## نظم

شيخ ’اياز‘، ’نياز‘ همايوني، سليم ڳاڙهوي، ’تاج‘ بلوچ، ڪمل ’سرتاج‘، نعيم دريشاڻي، ’امداد‘ حسيني.

## آزاد نظم

’خواب‘، ’محبوب‘ سروري، بشير موريائي، ليازعلي شاهه ’محسن‘، ولي محمد ’وفا‘، عبدالڪريم پلي.

## غزل

’سرشار‘ عقيلي، ’تنوير‘ عباسي، ’خواب‘، ’محبوب‘ سروري، بشير موريائي، نيازعلي شاهه ’محسن‘، ولي محمد ’وفا‘، عبدالڪريم پلي.

## نيون طرزون

ترائيل.

## قطعا

’امداد‘ حسيني، ’تاج‘ بلوچ، قمر شهباز.

## رباعيون

حافظ محمد ’احسن‘.

## فرد

محمد حسن ’ساز‘، ليازعلي شاهه ’محسن‘.

”جو ڪلام، مستقبل تي روشني وجھندڙ، ۽ ترقيءَ لاءِ ايندڙ نسل کي اڀاريندڙ آهي، صرف اهو ئي ڪلام قائم رهندو ۽ جٽاءُ ڪندو. باقي پيو سڀ بي سود هئڻ سبب مٽجي ويندو!“

علامہ، آءِ، آءِ، قاضي.

# ڪافيون

## ميران محمد شاهه "سر"

مهسين پليکار، ڪانگلڙا! جيءُ جيءُ کنياتا، آئين اوتاري

ڪانگ! ويجهو تي ولهيءَ کي، دل سندو ڏي داستان،
ڳالهيون ڳجهه، راز رمزون، ڪر اڳيان منهنجي عيان،
بند لهن کي بار، ڪانگلڙا!
گهوٽ گهڙي جي مون ساڻ گهاري.

ڪانگ! تو قصو ٻڌايو، کو قريبن کي ڪلام،
هت عجيبن جي اچڻ جو آندئي کهڙو انجام،
پائين ڳچيءَ هارَ، ڪانگلڙا!
ور جي ولهيءَ تي واڳون واري.

ڪانگ! مون مسکين جي محبوب کي ٿي کا مقال؟
ڇڏو سڪايل جي ڪڏهن سهڻو، اچي لهندو سنڀال؟
ڪهڙا سندس پار، ڪانگلڙا!
پاري نه مون سان کا پرت پياري.

ڪانگ وڃ تون تنهن ولايت، پرينءَ کي پيغام ڏي،
حال 'ميران شاهه' جو ڇئو ڪرنشون ڪوڙئين ڪري،
زارو روئج زار، ڪانگلڙا!
کهل اچي کا مانَ کوهياري.

## سردار بهادر محمد بخش مرحوم "ڪوجهي"

صورت ساجن حسن حقيقي، الله اسان جو اهوئي ـ نا پيوئي.
نيڻ سڄڻ جا نور الاهي، عينا عين سيوئي ـ نا پيوئي.
پروان ڏس محراب سنوڙ، سجده گاهه سپهُ سي ـ نا پيوئي.

مک محبوب جو مصحف سارو، ربّي راز سڃاڻي- نا پيوئي.
بوتو بشري ييک رباني، شڪ گمان نہ ڪوئي- نا پيوئي.
'شاهہ قبولڻ'، يار يگانو، هادي حق هڪوئي- نا پيوئي.
دم دم 'ڪرجهي' دوڙ درازين،
حج حقيقي سوئي- نا پيوئي.

محمد خان "غني"

دلي سڄڻ جي هٽ،
آءُ تان پيئر ورهہ وهايون.
راهہ ڀڄي ٿو روڪڙو، ڪين وٺي ڪجهہ ڳهٽ؛
آءُ تان.........
سر جو سودو آهي سهانڪو، ڪو جو آتي ڪوڪٽ؛
آءُ تان.........
نيهن نغارا نوبت وهواءِ، روز وڄي واڄٽ؛
آءُ تان.........
هلٿو آخر آهہ آنهيءَ ڏانهن، هوت جو ڪليل هٽ؛
آءُ تان.........
روهہ ڏسو سڀ رانجهن جي اڄ، جنهن جو ناهي مٽ؛
آءُ تان.........
قهري ڪان ڪري جت ڪڙڪا، سور ڪري سوسٽ؛
آءُ تان.........
گيرب گهرجي ڪونہ 'غني' اُت، هاسج ڪري جهٽ پٽ؛
آءُ تان.........

محمد هاشم "نجار"

منهنجو ميهر يار، ڏم ڏي وري مان ڪيئن نهاريان.
ڏم تہ مليم "حق شريعت"، الست ڪنان ميهار،... ڏم ڏي...
چوٽيون مٿيون ڏيو مون جيڏيون، ويندس ذريا پار،... ڏم ڏي...
ڪين اٿم آرام اندر ۾، ميهر جي مون تار،... ڏم ڏي...
محب ملڻ لاءِ دل آ ماندي، ملندم يار 'نجّار'،... ڏم ڏي...

## وائي

### خليفو نبي بخش لغاري مرحوم

ڪو پيريان جو پانڌي آئڙو، مون گهر اچي
پَسي پانڌي پيرَ جو، هوند بيراڳڻ بچي —
ماريو پنهنجا سپرين، پاڻ مُرادڙي پچي —
سُٺي سـنـدو سجڻين، نيهه نياپڙو نچي —
وايون ورڻ سنديون، ڪانگ سڻايم سچي —
'قاسم' اٿـم آسرو، پيريتم مـانَ پرچي —

### احمد خان "اختر"

وڃي وقت ونـوم، سخت سُئوم؛
آهه پُڇاڻو پرينءَ جو.

وقت وڃـايـم ويسلي، روئـڻ رت رهئوم —
مالڪ مـون نـه ميڙيـا، ڪَنُـو ڪچ ڪئوم —
هئي هئي هاڻ هَجهي هينيون، جيئڻ جـاڙ ٿئوم —
ڍولَ ڏَکين تـون ڏِهيون، 'اختر' عرض اهـوم —

### احمد خان "آصف"

راڻـــل ســـڻ تـــون رِيـهَ، ڪانڌ ڪري وچ ڪاڪ نه ڪاري.
تنهنجي تـات تهايو مـون کـي، پـــورن لا تـــي پـيـه؛
ويـتـر مهڻن آهيان مـاري.
سرتيون سيئي حـال سندم تـي، ٺهڪ ڏيـن ٺيون ٺـيـه؛
کِـلِـيو کِـلِـيو ڪن سي خواري.
وارث منهنجو تـون وَر وَلَهو، منهنـجي لـج ۽ لـيـه؛
سوڍل سائين تـوتي سـاري.
تنهنجو شان شرف ٺـيـو شاهي، سـون ۾ مـديـون ويـه؛
'آصف' ڪوجهي مان ڪاٺياري.

# گيت

گووردن محبوباڻي

او پونم جي رات سهاڳڻ، ڪر سورهن سينگار!
آهه ڪيو انجام اچڻ جو، اڄ تنهنجي دلدار!

پيشانيءَ تي تلڪ چنڊ جو،
مهڙو، سرهو چڻ سرڪنڊ جو؛
چانڊوڪيءَ جي سندر ساڙهي،
۽ تارن جا هار:
او پونم جي رات سهاڳڻ، ڪر سورهن سينگار!

گگن-منڊل ۾ ديپ جلائي،
چڏ بادل جي سيج سجائي؛
ڪرڻن جي ڪومل تارن تي،
ڇيڙ مڌر جهنڪار:
او پونم جي رات سهاڳڻ، ڪر سورهن سينگار!

ساجن سامهون گهونگهٽ لاهي،
چنچ ته رات اجوڪي آهي؛
ويهه ته پيار ونڊيون، او پريتم،
پره ڪنديسين ڏار!
او پونم جي رات سهاڳڻ، ڪر سورهن سينگار!

نثار "بزمي"

## هڪ سسئي، ڏڏ سوُر

پنڌ پڇائيندي وتي، صدما سهائيندي وتي!

سڌ نه ڪا سنسار جي،
دل بکي ديدار جي،
ڳڻ نه ڪا سينگار جي،
ياد جنهن کي يار جي:
وڻ وڃائيندي وتي، صدما سهائيندي وتي!

ساهه کي ساري نه ٿي،
واهه ٻي واري نه ٿي،
گهر اندرا ڳهاري نه ٿي،
خون کي ٺاري نه ٿي؛
لڙڪ ڳاڙيندي وتي، صدما سهائيندي وتي!

کيچ ڏي ڪاهي هلي،
هيڪلي آهي هلي،
ٺاهه کي ٺاهي هلي،
ساهه کي ساهي هلي:
وک ورائيندي وتي، صدما سهائيندي وتي!

تيز تر طوفان سان،
باد ۽ باران سان،
گوڙ ۽ گهمسان سان،
جابلو ميدان سان:
ٿي متا ڏيندي وتي، صدمان سهائيندي وتي!

توڏي وانگر ٿي رڙي،
سوز ۾ ٻيڻي سڙي،
گهاٽ ٿي دل ۾ گهڙي،
کين ٿي ڪاڏي لڙي:
دل دکائيندي وتي، صدما سهائيندي وتي!

# نظم

شيخ اياز

ٽَر ۾ کھڙا ٽاڪ،
ٽڪن جا،
ٽَر ۾ کھڙا ٽاڪ!

واري ساري وات،
نه ڪائي ڇانوَ، نه ڪائي ڇات،
مـَـٿان آ ٽاڪ،
ٽڪن جا؛
ٽَر ۾ کھڙا ٽاڪ!

پيني نه تن لاءِ پُونءِ،
تَتيءَ تني پير پڄي ٿيا پُونءِ،
ڇڪن ٿا ڇاڪ،
ٽڪن جا؛
ٽَر ۾ کھڙا ٽاڪ!

لڳي نه تن جي اُڃ،
ورائي ڪير، سموري سُڃ!
وڄن ٿا واڪ،
ٽڪن جا؛
ٽَر ۾ کھڙا ٽاڪ!

ميليو نه تن ڪي ماڳ،
آنهن جو ٻُلي ٻُلي پيو پاڳ،
ڪيلي ٿي خاڪ،
ٽڪن جا؛
ٽَر ۾ کھڙا ٽاڪ!

نياز همايوني

# اچو تہ بي قرار ٿيون

اچو تہ بي قرار ٿيون،
جو دردمند دل جي واسطي قرار ٿو کپي،
خزان نصيب زندگي جي لئہ بهار ٿو کپي،
اچو تہ بي قرار ٿيون.

هي صبح زهرخند چو، هي شام دلفگار چو،
هي رات فکرمند چو هي وقت غم شعار چو،
هي لال کنوار کائنات هاءِ سوگوار چو،
اچو تہ گھوٽ ٿي سيٺي، انهيءَ تي جان نثار ٿيون؛
اچو تہ بي قرار ٿيون.

بهار جهڙي آرزو، سقم نصيب چو رهي،
بهشت جهڙي زندگي، الم نصيب چو رهي،
هي آدمي هي ناخدا، ستم نصيب چو رهي،
انهيءَ غريب ساڻ اهل دل ٿي غمگسار ٿيون؛
اچو تہ بي قرار ٿيون.

عظيم ٿيون جبل جيان، وسيع شهر وانگ ٿيون،
محيط آسمان جيان، عميق بحر وانگ ٿيون،
حسين ماهتاب جان، عجيب مهر وانگ ٿيون،
زمينَ جي گلن جيان، دلين جا شهريار ٿيون؛
اچو تہ بي قرار ٿيون.

هي بي اصول بي وقار بندگيءَ جي زندگي،
هي تشنہ روح خستہ جسم زندگيءَ جي زندگي،
ٿي کپي ٿي کپي هي گندگيءَ جي زندگي،
اچو تہ موت ساں لڙي، حيات جو وقار ٿيون؛
اچو تہ بي قرار ٿيون.

هي ميڻ جا مسيح ۽ هي سنگ وخشت جا خدا،
نصيب جا نقيب ۽ بلند و پست جا خدا،
کري سگھيا نہ ڪو بلو، هي بند و بست جا خدا،
انهن جي لاءِ کيستائين، محو انتظار ٿيون؛
اچو تہ بي قرار ٿيون.

سليم ڳاڙهوي

## نماء

کيترا سج چنڊ ۽ تارا اچانڪ ٿيا عيان،
نُور جي برسات ٿي، روشن ٿيو سارو جهان.
بادلن جي اوٽ مان بجليون آئيون پڙڪا ڪري،
روشني ھڪڙي زمين تي، جلوه گر ٿيو آسمان.
چڻ ته مشعالون ٻريون، شمعن پسايا ڪي شعاع،
يا ڏيا، فانوس ۽ شعلا نظر آيا نوان.
چڻ ته ڪي هيرا، جواهر، لعل، موتي لڪ مڙيا،
زيب، زينت، حسن ۽ رنگت جا دريا ٿيا روان.
چڻ ته ڪي لالا، گلاب ۽ زعفران ظاهر ٿيا،
سرو، سنبل ۽ سمن جهوليا نزاڪت ناز سان.
يا ته چڻ ڪو جنگ جو سامان نمايان ٿي ويو،
تيغ، تلوارون، تبر، خنجر، سنان، تير ۽ ڪمان.
روشنيون، رعنائيون سالم نظر آيون 'سليم'،
مون ڏٺو توکي اکين آڏو جڏهن نور-جهان!

ڪمل "سرتاج"

## هر سمي رهه مشڪندو!

گل چوي ٿو، هر سمي رهه مشڪندو!
روز ڪنڊن ۾ گذر ٿئي زندگي،
ھر روئي ٿو ڪين هو ڪهبرائجي؛
ساڪ جو قطرو ٻه هن جي گود ۾،
خود ڪي پلجي آهه هردم چمڪندو:
گل چوي ٿو، هر سمي رهه مشڪندو.

هو ڏئي سرهاڻ ٿو سڀ کي جڏهن،
جڳ ڪري ساراهه ٿو هن جي تڏهن؛
هو جئي جڳ لئه، نه پنهنجو پاڻ لئه،

مُشڪ سان آهي سڀن کي خوش ڪندو:
گل چوي ٿو، هر سمي رهه مشڪندو.

لال! آفت ۾ نه همت هار تون،
پيڙهه پنهنجيءَ تي ته آنسون ڳار تون؛
زندگيءَ جي راهه آ ڏک سان ڀريل؛
پر هميشه هل انهيءَ کي طئه ڪندو:
گل چوي ٿو، هر سمي رهه مشڪندو.

تاج بلوچ

## ڏي

تيره و تار دل جي دنيا ۾، نيٺ اڄ نور جي ڪرڻ چمڪي،
منهنجي دل جي تباهه گلشن ۾، نيٺ اميد جي ڪڙي مکڙي.

روشنيءَ جي تلاش ۾ اڪثر، سون لتاڙيا نجوم و شمس و قمر؛
مشتري، زهره و سُهيل و زحل، باغ، صحرا، سمنڊ، دشت، جبل.
گلعذارن سان دل جو حال ڪيم، ماهپارن کي پڻ سوال ڪيم؛
الغرض هرطرف ٿيس مائل، پر نه افسوس ڪجهه ٿيو حاصل.

تيرگي ساڻ جو ٿيس مانوس، روشني لئي گهڻو هيس مايوس؛
نااميدي و حسرت و ارمان. آرزو، رنج، درد، ڪرب، حرمان.
مستقل قلب ۾ هئا آباد، وقفِ آزار هئي دلِ برباد؛
زندگي سربسر اداس هئي، محوِ حرمان رهينِ ياس هئي.
روبرو رشڪ ماهتاب آيو، دل جي دنيا ۾ انقلاب آيو؛
جنهن جي هرهڪ نظر ۾ مئه جو جام، جنهن جي هرهڪ نظر سلام و پيام.
نيٺ اڄ نور جي ڪرڻ چمڪي، نيٺ اميد جي ڪڙي مکڙي.

# غزل

"سرشار" عقيلي

●

بغلگير - مسرت جي وچ مانس، ٽئي ڪنهن دم،
ته حسن و عشق جو هڪ فيصلو باهمَ، ٽئي ڪنهن دم.

طواف - چهره و چاه - ذقن ڪريان ٿو، حاجين جئن،
گذر منهنجي لبَن، جو پئي لب - زمزم، ٽئي ڪنهن دم.

بہ هَم ميَنوش پهچي ٿو وچي جام - سفال آخر،
مثال - جام مَيِ، هرگز نہ جام - جَم، ٽئي ڪنهن دم.

پڌان ٿو، حسن جي خيرات ڏئي ٿو خوبرو خوش ٿي،
الاهي! منهنجي حق ۾ پي ته هو حاتم، ٽئي ڪنهن دم.

ڪَرَم جي ڪوهَ ڪان بارش وسي ٿي واديءَ دل تي،
ته چالئي بَند هي سيلاب چشم - نم، ٽئي ڪنهن دم.

شب - فرقت وڃي ٿئي همڪنار - صبح وصل - يار،
مبارڪ ڏينهن مون لئي اهڙو اي همدم! ٽئي ڪنهن دم.

بُتن وٽ برهمن جئن، عمر گذري سَر جهڪائيندي،
نہ آن جو ڪم ٿيو ڪڏهين، نہ منهنجو ڪم، ٽئي ڪنهن دم.

خرَد مَحو - طبابت ۽ جنون، محو - نہ‌ڪُهاشي،
ته مشڪل اي دل - مجروح، ڪو مَرهَم، ٽئي ڪنهن دم.

نماٺو عشق هستيءَ ۾ جو آهي ڏيڏريءَ ڪان گهٽ،
زڪام ايندو نہ ويجهو ۽ نڪي بلغم، ٽئي ڪنهن دم.

حقيقي عشق اي 'سرشار'! آهي دولت - ايمان،
نہ دل دنيا تي خوش آهي نہ دل کي غم، ٽئي ڪنهن دم.

شاد ٿي شادي ٿا ڪن، جي ڪهوٽ جي مرضيءَ بنا،
زور جي ميندي لڳائڻ سان نہ ٿيندا ڪامياب.
حق تلف ڪنهن جا ڪري حقدار جي آهن ٿيا،
غاصبن اهڙن تي لعنت ٿو ڪري ”ام الڪتاب“.

## محبوب سروري

●

آندي قاصد خبر خوشيءَ جهڙي، اڄ ايمان جي بہ آهہ اک ڪڪڙي!
پير ميخانہ ۾ اٿئي پاتو، شيخ! مضبوط پنهنجي ڪج پڳڙي!
جهڙي واعظ ٻيان ميڪده ۾ ٿي، دشمنن سان بہ شل نہ ٿئي اهڙي.
سانورن ۾ بہ حُسن هوندو آهہ، صرف مقصود ڇو اڇي چمڙي؟
وائين جنن ڪتان ڪئين سهڻا، دم وڃي، پر وڃي نہ هڪ دمڙي.
موت فنڪار سان ٿو فن جو ٿئي، هاءِ! ماحول جي ”سڙي لڪڙي“.
هن جا آهن مدائين شعر نوان، ڳالهہ ’محبوب‘ جي ڪجي ڪهڙي!

## بشير موريائي

●

دل دل نہ آ، جا تنهنجي تمنا ڪان آ خالي،
اک اک نہ آ، جا ياد ۾ تنهنجي نہ ٿي آلي
تصوير ڏسي تنهنجي، نظر ٿي آ نظارو،
تصوير بہ آ ڪرچ حقيقت ۾ خيالي.
هي نيڻ ٿيا نار، زبان تي آ خموشي،
الفت ۾ سندم، ڪهڙي مصيبت مون آ ٻالي.
پيماني جي ٻٽ ڪانہ رهي، ساقيءَ بدمست!
ديدن سان پيارج، جو آ هر ديد سوالي.

## نياز علي شاه "محسن"

●

عشق ۽ آرام؟ توکان نٿي ٿئي پُڄم،
هي خيال خام، توکان نٿي پُڄم.

جنهن جي نفرت تي بنا آهي، آهو،
واعظا، اسلام، توکان نٿي پُڄم.

عشق پڻ هڪ قسم جي آهي هوَس،
عشق جو هي نام، توکان نٿي پُڄم.

شُڪريو، مجبورين جو نام آهه،
اي دلِ ناڪام، توکان نٿي پُڄم.

حُسن خود حُسن-خدا آهي ميان!
حُسن تي الزام، توکان نٿي پُڄ

عشق کي جُز عشق ڀي ڪهڙي خبر؟
خطرهٔ انجام، توکان نٿي پُڄم.

هي چڱو آهي ۽ 'محسن' هي بُرو،
نيڪ ۽ بدنام، توکان نٿي پُڄم.

## ولي محمد "وفا"

سهي سختيون وچ حياتي گذاري،
مگر بيوفا جي شڪايت نه ڪر دل،

نه سينو سهائي سگهين تون ٿي جنهن سان،
انهيءَ سان ڪڏهن تون عداوت نه ڪر دل.

محبت ۽ نفرت جو هي سلسلو آ،
جهان ۾ ازل کان ٿي آيو، ۽ رهندو،

اگر هو خفا آ، رهڻ ڏي خفا تون،
مگر پنهنجي رسوا محبت نه ڪر دل.

ڀڃي راز دل جو خفا هو ٿي ويندو،
رهڻ راز کي تون اجان راز ڏي پل،

پڌڻ سان ٿي ساجن رسي توکان ويندو،
تون ظاهر ستم جي حقيقت نه ڪر دل.

اداڻن ۾ شوخي شگفته آ چهرو،
ملیو حسن هن کي غضب جو آ همدم،
کري جڳ ۾ وصف وثنا يار جي تون،
جهان لاءِ برپا قيامت نہ ڪر دل.

رهي شاد هو تو سدائين عدو سان،
مگر مون ڏي ايندي خفا تي پوي تو،
گر غير سان هن کي آهي محبت،
تہ پوءِ تون ڪٿي هن سان الفت نہ ڪر دل.

ڪچڻ بند ڪر، مات ۾ رهہ هميشه،
سچڻ صبر وارن جو ساٿي سدائين،
جفا جي عوض ڪر 'وفا' هن سان هردم،
۽ پلجي ڪڏهن ڀي شڪايت نہ ڪر دل.

## عبدالڪريم پلي

بيوفا! ۽ بي مروّت، اچ وري،
مضطرب تي منهنجي چاهت، اچ وري.
زيب توکي ڪانہ تي هرگز ڏئي،
بي سبب ايڏي شڪايت، اچ وري.
سنگدل سهڻا صنم، توکان ٻري،
زيست آهي بي حقيقت، اچ وري.
سچ تہ سورن جي سهڻ جي ناهہ ڪا،
هاڻ مون ۾ يار طاقت، اچ وري.
ياد تنهنجيءَ کان نہ آهي هڪ گهڙي،
پُر الم دل کي فراغت، اچ وري.
هجر جي ماريل 'ڪريم' آشفتہ لئي،
بنجي تون بارانِ رحمت، اچ وري.

# نيون طرزون

## ترائيل

سج اڀريا ٻ لڪين پر نہ وئي اونداهي،
شب ديجور اجا ڪانہ ٿي پوري ڇا لئي؟
علم هوندي ٻ، وئي عام ٿي هت گمراهي،
راهبر هوندي نہ ٿي راهہ چو نوري ڇا لئي؟
لڪين موسيٰ ٻ ٿيا ڪانہ ٿي پر ساڃاهي،
طور هوندي نہ ٿيو تاب ڪو طوري ڇا لئي؟
جام و مئي آهہ ۽ ساقيءَ ۾ آهي، آگاهي،
پر نہ پيتوسين اجا جام بلوري ڇا لئي؟
فڪر طاري ٿو رهي، خلق مٿي خرگاهي،
پيٽ پوڄا ٿي اجا عام، ضروري ڇا لئي؟
طوق زرين چو وڌو ڪنڌ ۾ هر خرگاهي،
۽ اسان لاءِ رهي خاص ٿي سوري ڇا لئي؟

*

زندگي ٻاٽ انڌاري ۾ ٿي گذري اي نديم،
چو شب غم نہ ٿي پوري، ڪٿي اميد جو سج؟
اجا انسانُ وسوڙل آهي در عهدِ قديم،
بار آور نہ ٿيو آهہ چو احساس جو ٻج؟
آهہ مغموم چمن، گرچہ گهلي بادِ نسيم،
چو خزان ديده ثمر آهہ، ڪٿي آهي نيج؟
لڪين داناءَ ۽ علامہ ٿيا، ويدَ حڪيم،
پر ٿيو روڳ جو دارون، نہ دوا، ويڄ نہ تج.

# رباعيات

## حافظ محمد احسن چنا

دنيا ۾ ڏنم دوست سچو ڪوڪو آهه،
هرڪنهن کي وفادار چوڻ ڏوکو آهه،
هڪ دوست هزارن مان ملي تو مشڪل؛
همراز ۽ غمخوار تيئي اوکو آهه.

اڄ ڪنهن ۾ محبت ۽ صداقت ناهي،
ڏيکاءُ گهڻو پر ڪا حقيقت ناهي،
سابق نه ڏسڻ ۾ ٿي وفاداري اچي؛
۽ عشق حقيقي جي علامت ناهي.

تو عشق کي آسان اڙي نادان سمجهو،
اُف اُف! تو غم يار کي مهمان سمجهو،
الفت ۽ محبت هئي ازل کان آهي؛
پر جنس وفا کي ستان ارزان سمجهو!

هڪ دل تي سوين سور ستم غم سهٺا،
ديدار بنا ڪين ڪڏهن مي لهڻا،
دلدار سوا سور اٿم سر ساٿي؛
فرقت ۾ اٿم غم مي گڇيءَ جا گهڻا.

اُف! حسن کي نادان سڏن ناداني،
۽ عشق کي آسان چوڻ ناداني،
ڏس حسن جڏهن آهه صفت محبوبي؛
پوءِ ان جي شڪايت ٻه ڪرڻ ناداني.

احسان ڪنهين جو نه وسارڻ گهرجي،
وعدو جو ڪجي ڪنهن مان سو پارڻ گهرجي،
تعريف ڪرڻ منهن تي ۽ پريٺ شڪوو؛
خصلت نه اها ڪنهن کي به ڌارڻ گهرجي.

# قطعات

امداد حسيني

هي لطف هي احسان رهڻ ڏي سائين،
نادان کي نادان رهڻ ڏي سائين،
صوفي ڀلي صوفي هجي ملا ملا؛
انسان کي انسان رهڻ ڏي سائين.

دنيا ۾ رڳو آڻئي رسوا آهيان،
محفل ۾ رڳو آڻئي تنها آهيان،
انسان جي نظرن ۾ ته انسان ناهيان؛
قدرت جي نگاهن ۾ ڀلا ڇا آهيان.

هيءَ جرئتِ اظهار، مبارڪ يارو!
هيءَ قوّتِ گفتار، مبارڪ يارو!
تازي ٿي وئي سرمد و منصور جي ياد؛
شانِ رسّن و دار، مبارڪ يارو!

رهبر جو هجي، صاحبِ ادراڪ هجي،
ٻارن جي دل و ذهن جيان پاڪ هجي،
واعظ هجي، ساقي هجي، يا رند هجي؛
حق ڳالهه چوڻ ۾، رڳو بيباڪ هجي!

ڪجهه ميڪدي تي طعن تڇيندي گذري،
ڪجهه ڪفر جون فتوائون ٿي ڏيندي گذري،
باقي جا بچي واعظ دينار جي عمر؛
تسبيح جي داڻن کي ڳڻيندي گذري.

مسجد کان جدا آهه جي رستو ڪنهن جو،
ملا تو چئي، حشر ته ٿيندو تنهن جو،
هر هند مليو رند قلندر کي خدا؛
ملا جو خدا پنهنجو، اسان جو پنهنجو!

قمر شهباز

ازل کان آچايل نگاهون اسان جون،
نہ مرڪن، نہ ڪرڪن، نہ ڳوڙها وهائن،
نمائيون نمائيون، اجهائيون اجهائيون؛
خدا ڄاڻي ڪنهن سان ٿيون وعدو نباهن.

تاج بلوچ

عشق تنهنجي ۾، پرين، ابيات جي لکيا پيا،
مفلسيءَ کان، گيت سي بازار ۾ ڏيڻا پيا.
پر ملي ڇا گوهرِ ناياب جي قيمت ڏسو،
چند چانديءَ جا سڪا مجبور ٿي وٺڻا پيا.

منهنجي شعرن ڪي چئين ٿي ڪئين پلا خواب وخيال،
صورتِ اشعار ۾ لڙڪن سندي تحليل ڏس.
منهنجي حال-زار تي سائين! ڀلي تون ڪل مگر،
منهنجي ارمانن ڀريل تصوير جي تشڪيل ڏس.

---

# فرد

محمد حسن "ساز" ڪراچي

## نغمهء ساز

ڪهڙي تڪليف مون ڏني ناهي؛
ڪنهن به تڪليف جو تون نالو نه ورتو.

—

رناڙيو مون کي اچي آهي چو جواني تو؛
پڌاءِ ڪير پلا روئي ٿو جواني ۾.

—

خوبيون انسانيت جون سڀ هجن تو ۾ ڀلي؛
ڪونه ڪونڪري ٿي پوندو چوندو جو تو کي خراب.

—

مرڪ هن جي لب تي آهي، لڙڪ سنهن جي چشم ۾؛
مون گهريو جيڪي خدا کان سو ملي مون کي ويو.

—

ڏجي ٿو هوند مان دستور آهي دنيا جو؛
غم - حبيب رکيو چاهي جو ڏيان تو کي.

—

خوشيءَ جي گود ۾ هر دل رهي مسرور ٿي ليڪن؛
رنڻ، تڙڦڻ، ٻرڻ، ڦتڪڻ ۾ دل منهنجي رهي ٿي خوش.

—

ملايو ڪين هو هٿ ٿي، اچا خوش قسمتيءَ سان مون؛
اچي بدقسمتيءَ وچ ۾ ملايو هٿ ڪلي مون سان.

—

نه ڪراي 'ساز' الفت، مچ، مري ويندين چون ٿا سڀ؛
الاهي چا اچا مون کي زمانو زنده سمجهي ٿو.

## سيد نيازعلي شاهہ "محسن"

کهڙا ۽ ڀلهڙا ڀربا ڀيا، گر زندگي آهي؛
مري وياسين تہ هرڪوئي چوي پنهنجي نصيبن کي.

—

عشق خود مختار، ضدي، هُوڙهہ ۽ اٿموٽ آهہ؛
عشق کي نفعي جي ۽ نقصان جي ڪهڙي خبر؟

—

جيستائين دم ۾ دم آهي ۽ آهي زندگي؛
تيستائين جرڳين وارو ڀيو ڀيرو ڪندس.

# ۲

افسانا


| | |
|---|---|
| ۱. ريل (پراڻي ڊائريءَ جو هڪ ورق) | ــ ع. ق. شيخ |
| ۲. ......؟...... | ــ محمد عثمان 'ناطق' |
| ۳. هاٿيءَ جا ڏند | ــ خواجه احمد عباس<br>مترجم: 'تاج' بلوچ |
| ۴. ادائگي (عربيءَ مان) | ــ مصطفيٰ لطفي منفلوطي<br>مترجم: محمد علي سانگي |
| ۵. پلي ٻڪ پرم جي شال نه وڃي شان | ــ پروفيسر سنتداس جهانگياڻي |


ناٽڪ


| | |
|---|---|
| ۶. دعوت نامو | ــ ڪيرت ٻاٻاڻي |

ادب جا جيترا ﺑﻪ شعبا آهن، تن ۾ ڪهاڻي، سڀ کان زياده، زندگيءَ جي عميق راز جي نقاب ڪشائي ڪري ٿي. سڀ کان وڌيڪ معاشري جي تهذيب ۽ تمدن جي وهڪري کي تيز ڪري ٿي، سڀ کان زياده انسانيت جي سچي تصوير ڪڍي ٿي. ڇالاءِ تہ ڪهاڻيءَ جي خاڪي ۾، هر طرح جي نقش نگاريءَ کي سمائي سگهجي ٿو. داخليت ۽ خارجيت جي آميزش، زمان ۽ مڪان جو پرپور احساس، انساني فطرت جي مختلف عنصرن جي تشريح، انساني زندگيءَ جي مقصدن جي وضاحت، ڪهاڻيءَ کان وڌيڪ ڪٿي ﺑﻪ ﻧﻪ ملندي. اهوئي سبب آهي جو انساني ۾ هر دور جي زندگيءَ ۽ طرز معاشرت جو عڪس رهجي ويو ٿو، جو ﻧﻪ رڳو 'ادبيات' جو، پر تمدني قدرن جو اهم ترين جزو پڻ بڻجي وڃي ٿو.

سيد احتشام حسين

هو نڪي خوش ٿي ڏٺو ۽ نڪي رنج ٿي نظر آيو. زالن رڻ بند ڪيو. ٻارڙا چپ ٿي ويا. هو ٻنهنجو ٻٽڪو ٻڌڻ لڳو. گاڏي هلڻ لڳي زال وري رڙ ڪئي. ابا...... منهنجي هڙ ته آهيني ڪانه. ڪرڻ ڪندا... وارو ڪيو گاڏي ته ڇٽي ويئي. هاه منهنجا نوان ڪپڙا، نئين جتي، وڪر وڙا سڀ انهيءَ ۾ آهن. ٻر هنن مان گاڏيءَ ڏي ڪنهن به ڪين سنڌيو. هنن ڪي گاڏيءَ تي چڙهڻ جو عيوضو ۽ سيڪت ملي چڪي هئي. ٻر هيءُ چا، گاڏي وري چو بيهي رهي. چا ڊرائيور ڪي قياس ٻيو هو. گاڏيءَ جي ٻنئين ٻاسي ڪان هڪڙو ماڻهو گارڊ واري گاڏي ۾ ڪالين جون ٻريون چاڙهي رهيو هو. هن دفعي ٻوليس وارو الائي ڪيڏانهن ڪم ٿي ويو هو. اسان جي گاڏي مان اهو نوجوان وري لٿو ۽ لٿل مسافرن جي گاڏي ۾ چڙهي هن هڪڙي اجرڪ ٻڌل هڙ هيٺ ڪيرائي. ڪالين واريون ٻريون چڙهي چڪيون هيون. ٻوليس وارو غائب هو. گارڊ جهنڊي ڏيکاري، انجڻ هڪ وڏي ڪوڪ لڳائي. ڪڪو ڪو، ڇڪو ڇڪو، ڇڪ ڇڪ، گاڏي وري هلڻ لڳي. مون ڪان ڪتاب ٻڙهڻ ته وسري ويو هو. منهنجي اکين اڳيان زندگيءَ جي ڪتاب جو هڪ اهڙو ورق وري ويو هو جنهن ڪي آءٌ ڪڏهين به وساري ڪين سگهندس.

هن بسيط فضا ۾ گونجڻ لڳو ته ”هن مفت جي سرچشمي مان ڪوبه اڙيات نراس ٿي واپس نٿو وڃي. ۽ اسٽاف جو حسن اخلاق ۽ فرض جي بجاآوري تحسين جي لائق آهي.“

ٻريان اسپتال جي پٺ جي اوٽ ۾ فقيرياڻيءَ جو بي جان لاش سواليه(؟) نشاني بڻو پيو هو. ۽ سندس ابهم ٻچڙو خالي سڪل ٿڻن کي چوسي رهيو هو. پرسان پيل خالي شيشي! دوا لاءِ واجهائي رهي هئي! ۽ فقيرياڻي جو لاش چئي رهيو ته ”هاها... هاها...! انهيءَ مفت جي... سرچشمي مان... هرڪو سيراب... ٿي سگهي ٿو...!...هاها... هاڻ هن ملڪ ۾... ڪوبه بيمار ... نه رهندو! جديد آلات ذريعي... علاج ڪيا ويندا... ۽ پوءِ ڪوبه... انسان بي موت... بيماريءَ وگهي نه مرندو؟

# ۳


١. سنڌ ۽ سنڌي زبان — مولانا دين محمد 'وفائي' مرحوم
٢. منهنجي سنڌ — رئيس ضياءالدين ايس 'بلبل'
٣. سنڌيت — منو ٽولارام گدواڻي
٤. سنڌي زبان — شيخ محمد اسماعيل
٥. فن شاعري — ڊاڪٽر محمد ابراهيم 'خليل'
٦. قديم سنڌي شاعريءَ جا ڪي نادر نمونا — محمد خان 'غني'
٧. اوائلي سنڌي ناول ۾ عبارت آرائي — پروفيسر منگهارام ملڪاڻي
٨. ڪوٽ ڏيجي — مولابخش، اي. سومرو

قومن جو بقاءُ، قومن جي ڪارنامن ۽ عملن تي منحصر آهي. ورنه قومن پنهنجي پيان قومون، ترقيءَ جي استعداد نه رکڻ سبب، هڪبئي پٺيان نابود ٿي ويون، جڻ ته هيون ئي ڪونه، ۽ سندن وجود صرف هڪ ’ڏند ڪٿا‘ جي صورت اختيار ڪئي.

●

ثابت ٿو ٿئي ته جي علم ۽ جي زبانون، بني نوع انسان واسطي، تنزل ۽ بيماريءَ جا اسباب پيدا ڪن ٿيون، تن کي ناس ڪرڻ ۽ مٽائڻ، فطرت پنهنجو فرض تصور ڪري ٿي، اهڙيءَ صورت ۾ جا قوم پاڻ کي خواهه پنهنجي زبان کي بقاءُ ڏيڻ ٿي گهري، تنهن کي لازمي طور، صحيح نمولي ۾ ’ذڪر ۽ فڪر‘ کان ڪم وٺڻو پوندو، ۽ ترقيءَ جا رستا ڳولڻا پوندا، ان سان گڏ وڪڙ ڪيس رذالت کان بچڻو پوندو، ورنه بي عزتيءَ جو موت، مٿس لازمي آهي.

●

ڪلمي جي بقاء جو مدار آهي: سندس افاديت ۽ ترقي پذيريءَ تي، جيستائين ڪنهن به شيءِ جي زندگيءَ جا جملي اطوار، ۽ سڀ اسباب موجود نه هوندا، تيستائين اوهين انهيءَ شيءِ کي زنده رکڻ ۽ زندگي بخشڻ جي ڪيتري به ڪوشش ڪريو، ته ڪامياب ٿي نه سگهندا. اهو فطرت جو هڪ ڪليه ۽ اٽل قانون آهي. ياد رکو، جا شيءِ ’بي معنيٰ‘ آهي اها مري چڪي آهي.

علامه، آءِ، آءِ. قاضي

پهريون مصرع مضارع مثمن اخرب مكفوف مقصور آهي؛ يعني مفعول فاعلات مفاعيل فاعلات. ۽ ٻيو بحر مضارع مثمن اخرب مكفوف محذوف؛ يعني مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن. پهرئين مصرع ۾ فاعلات قصر آهي، ته ٻئي مصرع ۾ فاعلن حذف آهي. انهن کي گڏ آڻڻ استادن جائز ڪيو آهي.

(٦) ڪري ٿو غمزه بازي ناز سان اڄ نرگس مخمور،
تبسم سان ٿو موهي ڀاپان کي چو گل رعنا.

پهريون مصرع هزج مثمن مسبغ آهي يعني مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلان ۽ ٻيو هزج مثمن سالم يعني مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن. مسبغ ۽ سالم جو ساڳئي شعر ۾ گڏ اچڻ جائز آهي مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي ته گهڻا سال ٿيا جو استاد الشعراء جناب حافظ 'بسمل' جي هيٺئين مصرع تي ڪنهن اڻ ڄاڻ اعتراض ورتو هو:

(٧) نذر استاد کي عيديءَ جو ڏني ٿيا آزاد،
ٺهي مڪتب ۾ نئي طفل دبستان جي عيد

جنهن جو جواب مون ڏنو هو. شعر پنهنجي جاء تي صحيح آهي.



جڙيل آهن. ٻارن جي کيڏڻ لاءِ، ڪينهون ٻڪيءَ مٽيءَ جا آهن. ڪي ٻال اهڙا خوبصورت آهن، جيڪي غالباً ٻارن جي لاءِ نہ هئا. تنهن کان سواءِ هتان مخروطي شڪل جون ٺيون بہ هٿ آيون آهن. ان متعلق هيءُ چوڻ مشڪل آهي تہ انهن جو ڪهڙيءَ طرح استعمال ٿيندو هو.

ڪوٽ ڏيجيءَ جا باشندا غالباً ڪافي عرصي تائين پنهنجي هن قلعہ بند شهر تي قابض رهيا هئا، ڇاڪاڻ تہ اهو انهن ٿلهين ۽ پُرڪون جاين مان ظاهر پيو لڳي، جن ۾ هو پنج-ڇهہ سؤ ورهين تائين رهيا هوندا. بلڪل اهڙيءَ طرح، جهڙيءَ طرح 'هڙپا ۽ موهن جي دڙي' ۾ ۲۵۰۰ سال قبل مسيح جي سڪونت جون جايون، ڇهن صدين جون قديم ٿيون پيون وڃن. اهڙيءَ طرح يقيناً ڪوٽ ڏيجي، انهن ٻنهي مذڪور بالا جڳهين کان بہ قديم تر آهي، يعني تقريباً ۳۰۰۰ سال قبل مسيح جو هيءُ علائقو آهي.



آدب، جو واسطو ۽ رابطو، زندگيءَ سان سڌو آهي. ڪنهنڪري هرڪو اهو آرٽ، جيڪو زندگيءَ جي منجهيل مسئلن کي کولي ۽ پرکي، اهو مفيد به آهي، صحتمند به آهي، جائز به آهي ۽ توانائي بخش به. باقي جو ڪجهه آهي، اهو زندگيءَ لاءِ موت آهي، ۽ نفرت ڪرڻ جي قابل.

(علامه اقبال)

"اسلام ۾ زندگيءَ جي ٻين شعبن وانگر، علم جو تصور به وحداني تصور آهي. جيستائين مون سمجهو آهي، ڪنهن به 'علم' کي 'غير اسلامي' علم نه چيو ويو آهي. 'الحڪمة ضالة المومن' جي اصول موجب، اسلام ۾ علم جيءَ کم ڏيل ميراث کي، جتان به ملي سگهي، حاصل ڪرڻ جو حڪم آهي."

"اسان جي اڳين عالمن نه فقط 'چين' ۽ 'بابل'، 'مصر' ۽ 'يونان' جا علم حاصل ڪيا، پر انهن ۾ مفيد اضافا پڻ ڪيائون. مسلمانن طبعي، حياتي، ۽ عمراني علوم ۾ اهم اضافن سان گڏ، سڀ کان وڏي خدمت اها ڪئي آهي، جو هنن علوم کي 'ظن، تخمين ۽ توهمات' جي سرحد مان ڪڍي 'تجربي ۽ مشاهدي' جي منزل ۾ داخل ڪيو ۽ جديد سائنس جو بنياد رکيو."

رضي الدين صديقي، وائس چانسلر
سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد

ڪنهن به شعبي ۾ هو ڪنهن به مفيد ڪردار ادا ڪرڻ کان قاصر هئا، ظاهر آهي ته انهن
ٻنهين گروهن ۾ فڪري يا علمي اشتراڪ جو پيدا ٿيڻ، تصور ۾ ئي اڻو اچي سگهي."

ان طرح مسٽر رضي الدين صديقيءَ، قديم ۽ جديد، تعليمي ۽ تدريسي تفريق ۽ تحصيل متعلق اهل اسلام جي تسامحات ۽ تساهل کي بيان ڪندي، ان ڳالهه تي زور ڏنو ته هر يونيورسٽيءَ ۾ ديني علوم جي تحصيل لاءِ معقول انتظام ڪيو وڃي.

ان کان پوءِ مولوي تميزالدين، اسپيڪر قومي اسيمبلي، افتتاحي لکيل تقرير پڙهي ان ۾ فرمايائين:

"ناقص اسلامي تعليمي نظام، قوم کي سخت نقصان پهچايو آهي. اسان يونيورسٽين ۽ ڪاليجن کي 'اسلامي' نه ٿا سڏي سگهون. حالانڪ انهن ۾ 'اسلاميات جا شعبا براءِ نام موجود آهن. اهي اسلامي تعليمات ۾ ڪن خاص خاص موضوعن تي مشتمل آهن، پر اجتماعي طور انهن جو نظام ۽ نصاب ناقص آهي. ان ڪري نه فقط علمي صلاحيتون ختم ٿي ويون آهن، پر ان سان گڏ اسان جي معاشري تي خراب اثر پئجي رهيو آهي."

اڳتي هلي مولوي تميزالدين فرمايو:

"مختلف تعليمي خيالات ۽ بي ربط نصاب جي ڪري، معاشري ۾ نفاق پيدا ٿئي ٿو. انهيءَ جو نتيجو اهو نڪتو آهي ته علماء ڪرام ۾ اختلاف ۽ ڪشمڪش پيدا ٿي ويئي آهي. عقائد متعلق اختلاف ته موجود آهن، پر ان سان گڏ هڪ گروپ، ٻئي گروپ کي، قومي ۽ ملي استحڪام جي خلاف قرار ڏئي چڪو آهي.

قومي ۽ فڪري اتحاد لاءِ بلڪل ضروري آهي ته هڪ متحد ۽ يڪسان تعليمي نظام هئڻ گهرجي، جو معاشري کي متحد به ڪري، ۽ ان جي ذهني نشو و نما ۾ مدد به ڏئي، ۽ قومي اتحاد کي تقويت پهچائي."

فرمايائين:

"جيڪڏهن تعليمي نظام ۾ ڇڪتاڻ ۽ اختلاف کي دور نه ڪيو ويو ته پوءِ معاشري ۾ بدنظمي پيدا ٿيندي ۽ قوم جي سلامتيءَ لاءِ هڪ خطرو بنجي ويندو."

ان سلسلي ۾ مولوي تميزالدين، مغربي نظام تعليم ۽ اسلامي نظام تعليم متعلق فرمايو:

"اسان جا وڏا، علمي ۽ فڪري علوم و فنون جا پيش رو هئا. انهن جي ڪد و ڪاوش تحقيق ۽ تجسس مان يورپ مستفيد ٿيو آهي. اڄ سائنسي علوم جي تحصيل به لازمي امر آهي. اسان جي علماء کي قرآن جي روشنيءَ ۾ سائنس ۽ علوم جديد کي مطالع ڪرڻ گهرجي."

## صدارتي خطبو: حضرت علامه آءِ آءِ قاضي

مولوي تميزالدين جني افتتاحي تقرير کان پوءِ، علامه قاضي صاحب جن، صدارتي خطبو ڏنو.

پاڻ ارتجالاً تقرير ڪندي نهايت جامعيت سان اسلام ۽ دين 'تجدد پسند ۽ قدامت پسند' گروه جي فڪري ۽ نظري اختلافات ۽ اسلامي نظريات، ۽ قرآني افڪار متعلق پيدا ٿيل اعتقادات ۽ نظريات تي عالمانه روشني وڌائون، ۽ مطالع ڪائنات متعلق آيات قرآنيه سان ثابت ڪيائون ته قرآن ان اسلام ۽ دين جو پيغامبر آهي، جو 'دين فطرت' آهي. جو ڪائنات جي نظام ۾ 'انسان' کي اهم مقام تي بيان ڪري ٿو. دراصل دين هڪ ئي آهي. اسلام ۽ قرآن، سڀني مذهبن جي ڪتابن ۽ پيغمبرن جي تصديق ڪن ٿا.

"اڄ يورپ، دين فطرت، تي عمل ڪري، دنيا تي علمي ۽ فني طور امامت هلائي رهيو آهي. اڄ هو امامت جو دعويدار آهي. ۽ 'مسلمان' انهن کان متاثر ۽ مرعوب ٿي چڪو آهي."

فرمايائون:

"اسلام ترقي پسند، جديد ۽ مڪمل دين آهي. زندگيءَ جي هر شعبي جي رهنمائيءَ جا بهترين اصول منجهس موجود آهن. پر مسلمانن انهن اصولن سان ناتو ٽوڙي ڇڏيو آهي. مسلمانن، مغربي تقليد کي پنهنجو پيش رو بنائي سخت غلطي ڪئي آهي."

چيائون:

"مسلمان جيڪڏهن غور ۽ مشاهدو ڪن، 'ذڪر ۽ فڪر' کان ڪم وٺن ته پوءِ کين اهو سڀڪجهه پنهنجي اسلاف ۾ ملي ويندا، جنهن لاءِ مغرب طرف واجهائي رهيا آهن."

اڳتي هلي فرمايائون:

"مسلمان جي ٻي غلطي اها آهي، جو انهن ۾ 'خود فراموشي' پيدا ٿي چڪي آهي. هنن پنهنجي روايات، تاريخ، فلسفه، عمراني نظريات ۽ سائنس کي وساري ڇڏيو آهي. ورنه، اسلام ۾ هر علم و فن جي تعليم موجود آهي."

پاڻ مسلم فلسفين، مورخن، ماهرين طبعيات جي مقابلي ۾ مغربي علماء جو ذڪر ڪري ٻڌايائون ته

"يورپ جي عالمن، مسلم مفڪرن کان ڪافي استفادو ڪيو آهي."

علامه صاحب فرمايو:

"دنيا ۾ فقط هڪ دين آهي. گهڻن دينن جو ته سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. قرآن، 'ليظهره علىالدين كله' چيو آهي. ان ۾ هڪ دين آهي، 'اديان' نه چيو ويو آهي.

وڌيڪ فرمايائون:

"دنيا ۾ فقط ٽي مذهب، تبليغي نوعيت جا آهن. هڪ اسلام، ٻيو عيسائيت ۽ ٽيون ٻڌ ڌرم. پر ٻڌ ڌرم ۽ عيسائيت، رهبانيت جي تلقين ڪن ٿا، مگر اسلام عملي زندگيءَ جو پيغام ڏئي ٿو. ۽ دنيا سان ذات

ذات، رنگ، نسل ۽ ننڍي وڏي جو تفاخر ۽ امتياز ختم ڪري، مساوات ۽ اخوت، اجتماعيت ۽ همه‌گير انسانيت پيدا ڪري ٿو. ”اسلام ئي آهي جو انسان جي ارتقا سان همآهنگ رهي ٿو ۽ زمان ۽ مڪان جي اثرات ۽ علوم ۽ ايجادات جي متنوع مسئلن ۾ به رهبري ڪري ٿو.“

علامه صاحب جي فڪر انگيز ۽ ايمان افروز خطاب، سامعين جي قلب و نظر کي نئين زاويهٔ نگاهه سان سوچڻ تي مجبور ڪيو. سندن خطبه جو داد قديم قسم جي علماء ڪرام به دل کولي ڏاو.

## روئداد آل پاڪستان تعليمات ڪانفرنس

ان کان پوءِ، آل پاڪستان تعليمات ڪانفرنس جي پهرين ڪانفرنس جا ۱۹۵۸ع تي پشاور ۾ منعقد ٿي هئي. ۸ سالن کان پوءِ، حيدرآباد ۾ ان جي ’روئداد‘ قاضي نورالحق صاحب ندوي، ڊين آف دينيات، اسلاميه ڪاليج ۽ پروفيسر اسلاميات پشاور يونيورسٽي، پڙهي ٻڌائي. ۽ ٻڌايائين ته ان دور جي وائس چانسلر پشاور يونيورسٽي، ڊاڪٽر رضي الدين صديقيءَ جي تحريڪ ۽ تجويز تي هن عظيم الشان علمي ۽ فڪري تحريڪ جو بنياد پيو، ۽ عالم اسلام، باالخصوص پاڪستان جي قديم و جديد، علماء ڪرام، مختلف موضوعات تي مقالا پڙهيا.

## تشڪر

ان اجلاس جي اختتام تي: ڊاڪٽر عبدالواحد هاليپوٽي، پروفيسر و صدر شعبهٔ ’تقابل اديان‘ و ’ثقافت اسلامي‘، (سنڌ يونيورسٽي) شڪريه ادا ڪيو، ۽ آيل مهمانن ۽ فاضل مقررين جي مرحبا ڪئي، ۽ آئينده جي پروگرام لاءِ هدايتون ڏنيون.

## خطاب عام

شام جو ۷ بجي، ساڳي هال ۾ خطاب عام جو اجلاس شروع ٿيو. جڏهن ته ان ۾ قديم قسم جي علماء جو خطاب هو، تڏهن ’جديد تعليم يافته‘ طالبن ۽ عالمن، مهمانن ۽ اسلاميات جي ماهر مهمانن جي شرڪت، اڳين اجتماعن جي مقابلي ۾ گهٽ نظر آئي.

## مولانا شمس الحق، افغاني

اهو اجلاس مولانا منتخب الحق، (صدر شعبهٔ دينيات ڪراچي يونيورسٽي) شروع ٿيو، ۽ خطاب مولانا شمس الحق صاحب افغانيءَ ڪيو. مولانا شمس الحق افغانيءَ جي تقرير دلپذير، نهايت پُرسوز ۽ مخلصانه انداز ۾ رهي. سندس خطاب عالمانه مگر عام فهم، دلچسپ ۽ فڪرانگيز هو. مولانا صاحب، مغربي معاشرت جي زهرآلود نظريات، اعمال، خيالات ۽ بودوباش جو پردو چاڪ ڪري، اسلامي ۽ قرآني نظام ڏانهن دعوت پيش ڪئي. سندس هڪ هڪ لفظ، سحرالڪمز ۽ جامع هو. ٻڌايائين ته:

'حرج' پوي ها!- نہ کو ايتري جاء سيڙجي ها!- 'مهراڻ' کو توريت تہ کونہ هو، جنهن کي ماڻهن تسي لڏي، آئجي ها!- اها افسوسناڪ روش ڏسي، علامہ علاءالدين صديقي، مشکندي فرمايو... "سمجھتا هون، کہ اهل حق کو کهين بھي پسند نهين کيا جاتا!"- مون کلي جواب ڏنو تہ "هم اهل-حق نهين هين، اهل-ناحق هين!- افسوس هے کہ اس نمائش مين ايک بھي پرچہ نهين هے! کل انشاءالله 'مهران' پيش کرونگا!

ان کان پوءِ مهراڻ جو شخصيات نمبر، جو ۱۹۵۷ع ۾ ڇھہ سال اڳ ڇپيو هو، اهو پيدا ٿيو. 'هکو رانجهو لکين جيها' سمجھي پيش کيم ان کي اٿلائي پٿلائي پڇيائين تہ: جديد طرز کے اصولون پر يہ تذکرہ مرتب کيا گيا هے، يا تذکرہ الاولياء کی طرح؟" مون کلي کٽي ساٽ کئي، ۽ چيومانس تہ جڏهن سنڌي زبان سکندؤ، تڏهن اوهان کي سيکجھہ معلوم ٿي ويندو!

## پرلطف رهاڻ

ان کان پوءِ، مون کيس مذاق ڪري چيو:

"مين سمجھتا تھا کہ علامہ علاءالدين بھي ضعيف و نحيف هوگا: کم از کم دو لاٹھيون پر چلتا هوگا، اور دو آدميون کے سهارے پر هي کهين جلسے مين جاتا هوگا- اور عمامہ بردوش اور قباپوش هوگا!"

ان تي مشکندي چيائين: 'بلکل درست هے، مين بوڑھا نهين هون: مگر دو لاٹھيون پر چلتا هون، ايک مولانا عبيدالله سندي، دوسرے شيخ التفسير"- مون کيس فوراً چيو، پهلے پر رحمت! دوسرے کو الله معاف کرے.

مولانا سنڌيءَ جي ذڪر خير تي 'مهراڻ' جي 'شخصيات نمبر' مان، کيس مولانا سنڌيءَ جو فوٽو ڏيکاريو ويو، جنهن تي تقاضا ڪيائين تہ مهرباني ڪري مون کي اهو نمبر ضرور ڏيو، يا اهو فوٽو ڦاڙي ڏيو.

ان کان پوءِ مون کيس عرض ڪيو تہ مولانا سنڌيءَ تي لکيل تاليفات متعلق اوهان جي راءِ ڇا آهي؟- کلي، هڪدم پڇيائين، 'اول اوهان ٻڌايو'، اوهان جي راءِ ڇاهي؟ مون عرض ڪيو تہ 'مولفين' پنهنجا ذاتي نظريا، مولانا سنڌيءَ جي نالي ۾ شايع ڪري، پيسا ڪمايا آهن! فرمايائين 'بلکل درست'! بيشک، مولانا کي چند باتين سن کر، مولفين نے رنگ آميزی کی هے."

مون کيس ٻڌايو تہ، "مون مولانا جي تفسير متعلق لاهور: سنڌ جمنا، نربدا ساگر اڪيڊميءَ کان پڇا ڪرائي، تہ مولانا سنڌيءَ جو تفسير ڪٿي آهي؟ مون کي جواب مليو:

"راوی کا جب سيلاب لاهور مين آيا تھا، تب اس سيلاب نے لاهور کو بهت نقصان پهنچايا! اور بدقسمتي سے مولانا سندي کي تفسير بھي غرق هو گئي!!"

ٻيو اصولي. مان اعتقاد تي زياده زور ڏيندي، عرض ڪندس ته اعتقاد ۽ عقيدو دنيا جي مذهبن لاءِ بنياد جو حڪم رکن ٿا...

”جن ماڻهن قرآن ۽ حيات نبويه کي غور سان مطالع ڪيو آهي، اهي چڱيءَ طرح ڄاڻن ٿا ته جيئن قرآن پاڪ زندگيءَ جي لاءِ ڪامل ’صحيفہ حيات‘ آهي. بلڪل ان طرح حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جو وجود گرامي ئي آهي، جو قرآن ڪريم جي هڪ هڪ لفظ جو شارح به آهي ۽ مفسر به.“

”اگر حضور جي شخصيت ۽ حديث کي قرآن کان جدا ڪيو ويندو يا ائين چيو ويندو ته قرآن کان پوءِ حديث جي ضرورت ئي ڪانه آهي، ته پوءِ معاني-قرآن ۽ شريعت مطهره جا سڀ مسئلا، عبادات، معاملات، ۽ اخلاقيات، وجود باري تعاليٰ، اعمال ۽ افعال مان ڪهڙو ڪو هڪ اهڙو مسئلو آهي؛ جو حضور ڪريم جن جي ارشادات عاليه کان سواءِ مڪمل چئي سگهجي، يا سمجهه ۾ اچي سگهي.“

”قرآن تي، ۽ ان جي علوم تي، سنت ۽ حديث جي فهم و بصيرت ۽ حضور جي هدايت ۽ ارشادات کان سواءِ، عبور حاصل ٿي نٿو سگهي.“

”حديث جي منڪرن مان ڪو به اهڙي جرات ڪري نٿو سگهي، ته صحابه ڪرام تائين رڳو قرآن پهچايو ويو آهي، ۽ قرآن جي معاني ۽ مطالب کي، حضور جي ٻڌايل معاني کان سواءِ پنهنجي عقل ۽ فهم جي مطابق اخذ ڪندا هئا. حضور جي ذات ئي قرآن جي معاني ۽ اسرار جي حامل هئي. ۽ سڀ صحابه حضور جي ارشادات ۽ عمل جي هدايت ۾، قرآني علوم ۽ احڪام کان مستفيد ٿيندا هئا.“

”احاديث و سنت جو اهو ئي درجو هو جو محدثن، شارحن ۽ محققن، قرآن سان گڏ حديث کي به فقهي احڪامات جي اخذ ڪرڻ لاءِ بنياد قرار ڏنو ۽ مسئلن کي ترتيب ڏئي، اسان جي دين جا سڀ ابواب ۽ فصل مرتب ڪيا.“

”علم حديث، هڪ اهڙي تاريخ آهي، جنهن جو سلسلو، حضور تائين روايات صحيح سان مليل ٿو.“

”رازي، غزالي، امام ابو حنيفه، شيخ عبدالحق دهلوي، حضرت شاهه ولي الله دهلوي، اڄ کان صديون اڳ، پنهنجي ايمان ۽ معتقدات جي پختگيءَ سان گڏ، عقلي ۽ فلسفي اعتبار سان به عبور رکندڙ هئا. انهن ۽ ٻين محدثن هڪ هڪ حديث جي تلاش ۽ جستجو، تحقيق ۽ تنقيد لاءِ سخت جدوجهد ڪئي. ’ضعيف‘ کي ’قويءَ‘ کان جدا ڪرڻ لاءِ جدا جدا فن بنايائون، ۽ ’موضوعات جوزي‘ جي نالي، موضوع حديثون گڏ ڪيائون. ماڻهو ريسرچ جو

ڳالهه تہ وڌن ٿا، ہر محدثن کان وڌيڪ ڪنهن پڻ ماڻهوءَ ڪهڙي ريسرچ ڪئي آهي؟"

## خطبہ صدارت، علوم القرآن

قاضي نورالحق ندوي، ڊين آف اسلاميات، پشاور يونيورسٽيءَ چيو:

"عهد نبويءَ ۾ علم جو دور ان حد تي هو، جنهن جو مثال نٿو ملي سگهي. چنانچہ 'صفا' جي پرسان، بيت ارقم ۾ سڀ کان پهرين اسلامي درسگاهہ قائم ڪئي وئي. حضور ان دانشڪده جا معلم هئا. اهوئي سبب آهي جو دنيا جي سڀ کان وڏي امي معلم صلي الله عليه وسلم جن 'آمين' جي هڪ وڏي قوم نيويهن سالن ۾ بنائي، جا مهذب ۽ تعليم يافتہ هئي."

"مديني ۾ سڀ کان وڏي درسگاهہ خود مسجد نبوي هئي، جنهن جو صُفه (چبوترو) علمي جامعيت جي حيثيت سان، ڪمالات جي بلنديءَ جي چوٽين تي هئي. ان ئي درسگاهہ مان صحابہ ڪرام جي وڏي جماعت مستفيد ٿي، جن مان ڪي عالم، عابد، مجاهد، غازي، منتظم، سياستدان ۽ حاڪم ٿيا. ۽ انهن زندگيءَ جي هر شعبي ۾ وڏيون خدمتون ڪيون آهن."

"قرآن، انسانيت جي لاءِ دين ۽ دنيا جي فلاح لاءِ دائمي دستورالعمل آهي."

"ان دور ۾ قرآن جي علمي ۽ عملي تشريح، حضور جي قول ۽ عمل سان ڪئي ويندي هئي."

"قرآن حضور جي ذات گراميءَ ۾ متشڪل ٿي چڪو هو، ۽ حضور جي ذات سراپا قرآن بڻجي چڪي هئي. حضور جي ذات قرآن جي انوار جي زنده تصوير هئي."

"ان طرح خلفائي راشدين جي دور ۾ قرآن ۽ سنت موجب تعليم جو بندوبست هو. حضرت عمر جي وقت ۾، مفتوح ممالڪ ۾ مدرسا قائم ٿيا. ان دور ۾ هر مسجد کي 'درسگاهہ' هجڻ جو پڻ شرف حاصل هو. ان دور ۾ معلمن ۽ شاگردن کي باقاعده وظيفا ملندا هئا."

"هن وقت هزار سالن کان پوءِ نظر ٿو اچي تہ دين ۽ دنيا جي تعليم کي جدا جدا ڪيو ويو آهي، حالانڪ اڳ ائين نہ هو. اسلام جامع نظام آهي، ان ۾ دين ۽ دنيا جي ڪابہ دُئي ڪانہ آهي."

"اڄ ضرورت آهي تہ ثانوي ۽ اعليٰ تعليمي مرحلن ۾ ديني علوم کي اختياري ۽ لازمي قرار ڏنو وڃي، ۽ ٻنهين حيثيتن تي مشتمل نظام ۽ نصاب بنايو وڃي، جيئن ملڪ جا زياده ماڻهو، علم دين کان مستفيد ٿي سگهن."

## اسلام ۽ ٻيا مذهب

علامہ علاءالدين صديقيءَ پنهنجي صدارتي تقرير ۾ فرمايو تہ:

اسلام امن ۽ سلامتيءَ جو دين آهي. عربي جي اِن لفظ سان صلح ۽ سلامتيءَ جو بنيادي تصور وابستہ آهي. سندس مطلب 'اطاعت و فرمانبرداري' پڻ آهي. اصطلاحي طور اسلام، مشيت الاهي آڏو چون چرا کان سواءِ، سر تسليم خم ڪرڻ ۽ مخلوقات سان امن و اصلاح سان تعلقات نباهڻ کي چئجي ٿو.

"آمن"، قرآن مطابق "الله رحيم جو پيغام آهي"—(٣٦، ٥٨) اسلام، جيئن سندس دعويٰ ۽ اعتقاد آهي، پوري انسانذات جو مذهب آهي. سڀيئي پيغمبر اسلام جا مبلغ هئا. قرآن انهن کي هادي ٿو چوي. انهن خدا جي منشاء مطابق انسانن جي مختلف گروهن کي 'امن و سلامتي' جي تلقين ڪئي ۽ ڪين برائيءَ کان بچڻ جي هدايت ڪئي.

"تحقيق اسان هر قوم ڏانهن پنهنجو هادي ان ئي پيغام سان موڪليو تہ الله جي عبادت ڪريو ۽ برائي کان بچو" (قرآن ٣٦: ١٦)

اهڙيءَ طرح اسلام مطابق زندگيءَ جو صحيح طريقو اهوئي قرار ڏنو ويو تہ انسان، الله جي موڪليل هدايت موجب زندگي جي هر تحريڪ ۾ سندس تابعداري ڪندو رهي، اهائي انسانيت ۽ مذهب جي اصليت جي تقاضا آهي. قرآن جون هي آيتون بہ ان ئي نقطء نظر کي ظاهر ڪن ٿيون: "بلاشڪ الله جو پسنديده دين اسلام آهي" (٨: ٣١) "۽ ڪو بہ اسلام کان سواءِ ٻئي ڪنهن طريقي جي تلاش ڪندو تہ آهو هرگز هُن کان قبول نہ ڪيو ويندو ۽ هو آخرت ۾ خساري ۾ ويندو." (٣،٨٣)

اهڙيءَ طرح اسلام مطابق حضرت مُحَمَّدؐ صلي الله عليہ و سلم جو دين ڪو نئون دين نہ آهي، اهو عالمگير دين، انسانذات جي عين ضرورتن ۽ تقاضائن مطابق آهي ۽ اهوئي دين فطرت پڻ آهي."

"ڇا پوءِ هو الله جي دين کان سواءِ ٻئي ڪنهن دين جي تلاش ڪن ٿا؟ (ياد رکو) آسمان ۽ زمين ۾ جيڪي ڪجهہ آهي، سو ارادي يا غير ارادي طور سندس ئي تابعداري ۾ آهي، ۽ سڀڪجهہ هُن ڏانهن ئي موٽايو ويندو." (قرآن ٨٢: ٣)

مذهب اسلام جو بنياد، انساني فطرت جي بنيادي ضرورتن ۽ تقاضائن ۽ قوانين فطرت تي آهي. ان حيثيت سان اسلام، عالمگير فطري ۽ انساني مذهب آهي، ۽ سندس تحريڪ جو بنيادي مقصد اِهوئي آهي تہ هڪ طرف خدا ۽ انسان ۽ ٻئي طرف انسان ۽ انسان جي باهمي تعلقات ۾ اعتدال، آمَن ۽ اصلاح پيدا ڪيو وڃي.

"اسلام، جرمن قوم ۾ هڪ ذهني ۽ روحاني انقلاب آندو- جنهن جا مثال جرمن علم ادب ۾ ڪيترا ملندا. مثلاً فريڊرش فروئبيل (۱۷۸۲-۱۸۵۲ع) جو ڪنڊرگارٽن تحريڪ جو باني هو، تنهن پنهنجي تصنيف "انسان جي تعليم و تربيت" (Menschener Zichung) ۾ توحيد تي تمام گهڻو زور ڏنو آهي- ڊاڪٽر صاحب ان ڪتاب مان جرمن زبان ۾ اقتباس پڙهي ٻڌايا ۽ چيائين ته انهن جو عربي لفظن ۾ هي ترجمو ٿيندو: 'هوالاول و الآخر والظاهر والباطن- ومن يؤت الحڪمة فقد اوتي خيراً ڪثيراً- من عرف نفسه فقد عرف ربه.' هڪ ٽڪري جو ترجمو لطيف جي لفظن ۾ ڪيائين: 'وحد تان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪُل'."

ان کان پوءِ جرمني جي مشهور ڊرامانويس، مصنف ۽ شاعر گوئٽي (۱۷۴۹-۱۸۳۲م) جو ذڪر ڪيائين ۽ سندس "الديوان الشرقي للمولف الغربي" مان چند شعر پڙهي ٻڌايائين جن جو ترجمو هنن لفظن ۾ ڪيائين: "لله المشرق والمغرب"—"۽ اتر ۽ ڏکڻ وارا ملڪ سندس هٿن ۾ سلامتي سان ٿا"—"سبحانه و بحمده"—"جنهن شخص کي پنهنجي ۽ ٻين جي شناس آهي تنهن کي يقين آهي ته مشرق ۽ مغرب هڪٻئي کان جدا نٿا ٿي سگهن"— هي اهو شخص هو جنهن پنهنجي دوست ايڪرمن کي چيو ته: "بهترين تربيت جو سرشتو اسلام جو آهي."—"آنحضرت صلعم متعلق گوئٽي هڪ ڊگهو نظم لکيو جو 'Mahomet's Gesang' جي نالي سان مشهور آهي. ان نظم ۾ گوئٽي آنحضرت صلعم جي چهري مبارڪ جي هڪ محبت ڀري تصوير چٽي آهي هن نظم جي ڪن ٻندن جو ترجمو ڪري ٻڌايائين جن ۾ گوئٽي آخر ۾ چوي ٿو: "آنحضرت جن جي چهري مبارڪ تي نظر پوڻ سان انسان سندن مفتون ٿي پوندو." اڳتي هلي چوي ٿو ته "آنحضرت صلعم جي هڪ نظر مون کي تندرست ڪري ٿي."

جرمن فيلسوف لائبنز (Leibniz) (۱۶۴۶-۱۷۱۶ع) متعلق پروفيسر اشپيز جو اقتباس پڙهي ٻڌايائين ته هو آنحضرت صلعم کي 'دين الفطره' جو باني سمجهندو هو. ڊاڪٽر ڪرٽ ايشرڊ من جو هڪ ڪتاب ڏيکاري چيائين ته: جرمني، فرانس ۽ انگلنڊ ۾ يارهين، ٻارهين، تيرهين ۽ چوڏهين صدين ۾ ديولين ۾ "الله" جو لفظ پٿين تي اڪريل آهي ۽ تصويرن ۾ چٽيل آهي. تقرير جي آخر ۾ ڊاڪٽر قاضي چيو ته:

"اڄ اسان مسلمانن ۾ هڪ قسم جي ذهني 'لا الى هٰؤلاء ولا الى هٰؤلاء' جي ڪيفيت آهي. جنهن متعلق قرآن چوي ٿو ته "نه زنده آهن نه مرن ٿا" جي اسلام عالمي مذهب آهي ۽ هر وقت ۽ هر ملڪ لاءِ آهي ته پوءِ اسان کي گهرجي ته ان ۾ يقيني ايمان رکي ان کي مضبوط جهليون ۽ ڪڏهن به ان کي ترڪ نه ڪريون. پر جي اسلام قابل عمل مذهب نه آهي ته ڇڏيون. حقيقت هيئن آهي ته اسان جو ايمان ڪمزور آهي ۽ اسان کي پورو يقين ناهي، يقين کي قرآن ايمان سڏيو. جيستائين ايمان نه هوندو، تيستائين ان مطابق عمل ظاهر نه ٿيندو. ان ڪري شروع ۾ قرآن ڪريم جي آيت پڙهي هئائين، جنهن جي معنيٰ آهي ته "اي ايمان

ڊسمبر ١٩٦٢ع- لاهور ۾ منعقد ٿيل ڪتابن جي بين الاقوامي نمائش ۾ 'سنڌي ادبي بورڊ' جو بڪ اسٽال




[تصوير ۾ ساڄي طرف- فيلڊ مارشل محمد ايوب خان، صدر پاڪستان، 'سنڌي ادبي بورڊ' جي اسسٽنٽ سيڪريٽريءَ مسٽر غلام رباني ءَ سان، اسٽال تي رکيل 'شاهه جي رسالي' بابت گفتگو ڪري رهيو آهي. صدر پنهنجيءَ گفتگو جي دوران ۾ فرمايو: "اوهان (سنڌين) کي گهرجي ته هائي اهڙو نئون ماڻهو پيدا ڪريو جو اوهان کي بيدار ڪري، روح ڦوڪي، ۽ اوهان ۾ زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ وڌيڪ چاهه وٺڻ لاءِ عملي حرڪت ۽ ترقيءَ جو احساس پيدا ڪري".]

-مهراڻ ٣، ١٩٦٢ع

ڊسمبر ١٩٦٢ع - ڪراچيءَ ۾ ايران جي سفارتخاني ۾، سيد حسام الدين راشدي، ميمبر 'سنڌي ادبي بورڊ' (کاٻي پاسي)، ۽ مسٽر ممتاز حسن وائيس چيئرمن 'اقبال اڪيڊميءَ' کي ايران جي اعليٰ اعزاز "نشان سپاس" ملڻ جي موقعي تي ورتل هڪ يادگار تصوير.



[آقائي ڊاڪٽر مقتدري، ايران جي سفارتي نمائندي، پاڪستان جي ٻن نامور عالمن کي، اعليٰ حضرت شهنشاهه ايران طرفان "نشان سپاس" عطا ڪندي فرمايو، "... سنڌي ادبي بورڊ ۽ اقبال اڪيڊميءَ جي ڪتابن مان انهيءَ ڳالهه جي ثابتي ملي ٿي ته ايران ۽ پاڪستان جا ثقافتي تعلقات نهايت قديمي آهن... ڏهين صدي هجريءَ جي آغاز ۾ سنڌ علم ۽ روحانيت جي مرڪز جي حيثيت ورتي".] - مهراڻ ٣، ١٩٦٢ع.

بابت بورڊ جي ڪيل ڪم جي تعريف ڪئي ۽ ساڳئي وقت ائين بہ فرمايو. ”اوهان (سنڌين) کي گهرجي تہ هاڻي اهڙو ماڻهو پيدا ڪريو، جو اوهان کي بيدار ڪري، روح ڦوڪي ۽ اوهان ۾ زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ وڌيڪ چاهہ ونڻ لاءِ عملي حرڪت، ۽ ترقيءَ جو احساس پيدا ڪري.“

نمائش ڏهہ ڏينهن رهي. انهيءَ عرصي ۾، اولهہ پاڪستان جو تڏهوڪو وزير قانون ۽ ٻيا اعليٰ سرڪاري عملدار، ملڪ جا نامور اديب، عالم ۽ دانشور نمائش ۾ آيا. نمائش ڏهين ڊسمبر ١٩٦٢ع تي ختم ٿي.

## پاڪستاني عالمن لاءِ ايراني اعزاز

ڊسمبر ١٩٦٢ع جي ٽئين هفتي ۾، ڪراچيءَ ۾ ايران جي سفارتخاني ۾ اعليٰ پيماني تي هڪ تقريب منعقد ٿي، جنهن ۾ عراق، سعودي عرب ۽ اولهہ جرمنيءَ جا سفارتي نمائندا، نامور پاڪستاني عالم، اديب، دانشور ۽ اعليٰ عملدار شريڪ ٿيا. انهيءَ تقريب ۾، ايران جي سفارتي نمائندي، آقائي ڊاڪٽر مقتدري، ٻن پاڪستاني عالمن سيد حسام الدين راشدي، ميمبر 'سنڌي ادبي بورڊ' ۽ مسٽر ممتاز حسن، وائيس چيئرمن 'اقبال اڪيڊميءَ' کي، سندن علمي خدمتن جي اعتراف طور ۽ ايران ۽ پاڪستان کي هڪٻئي جي ويجهو آڻڻ لاءِ، تهذيبي ۽ ثقافتي ڪوشش کي ساراهيندي، اعليٰ حضرت شهنشاهہ ايران جي طرفان، ايران جو اعليٰ اعزاز ”نشان سپاس“ عطا ڪيو.

”نشان سپاس“ عطا ڪرڻ کان اڳ آقائي ڊاڪٽر مقتدري پنهنجي تقرير ۾ چيو تہ:—

> ”پير حسام الدين راشدي، ميمبر سنڌي ادبي بورڊ ۽ مسٽر ممتاز حسن، وائس چيئرمن اقبال اڪيڊمي، فارسي زبان جا نامور عالم آهن. هنن صاحبن ايران ۽ پاڪستان جي ثقافتي تعلقات کي مضبوط بنائڻ ۽ وڌائڻ جي سلسلي ۾ اعليٰ خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. ايران جي حڪومت انهن حقيقتن جي اعتراف ۾ کين ”نشان سپاس“: ايران جو هڪ اعليٰ اعزاز، عطا ڪندي خوشي محسوس ڪري ٿي.
>
> ”ايران ۽ هن سرزمين جا تعلقات هزارين سال پراڻا آهن. هتان جي روحاني رهبرن، صوفين، عالمن، درويشن، شاعرن، اديبن ۽ فنڪارن انهن واسطن ۽ رابطن کي وڌائڻ ۽ مضبوط ڪرڻ ۾ وقت بوقت وڏيون خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. هندستان جي مسلمان بادشاهن فارسيءَ کي سرڪاري زبان مقرر ڪيو ۽ انهيءَ ۾ ڪوبہ عجب ڪونهي تہ پاڪستاني عوام جو چڱو حصو فارسيءَ کان واقف آهي. لاهور ڪيترين صدين کان وڏو علمي مرڪز ٿي رهيو آهي، ۽ اڄ بہ هن کي اهوئي ساڳيو مرتبو حاصل آهي.

علامہ اقبال کي شهرت هتي ئي ملي. سندس شعر ۽ ڪلام جو معياري حصو فارسي زبان ۾ ئي آهي."

"ارغونن جي اچڻ بعد، ڏهين صدي هجريءَ جي آغاز ۾، سنڌ، علم ۽ روحانيت جي مرڪز جي حيثيت ورتي. ايران ۽ هن سرزمين جي قديمي ثقافتي تعلقات جي ثابتي "سنڌي ادبي بورڊ"، ۽ "اقبال اڪيڊميءَ" جي ڪتابن مان ملي ٿي."

"مون کي، اعليٰ حضرت شهنشاهہ ايران طرفان، مسٽر ممتاز حسن ۽ پير حسام الدين راشديءَ کي، هن "نشان سپاس" عطا ڪندي؛ وڏي خوشي ۽ فخر محسوس ٿئي ٿو. آءٌ دعا گهران ٿو تہ اسان جا ملڪ شال شاد ۽ آباد رهن. ۽ انهن جا هڪٻئي سان دوستانا تعلقات وڌندا رهن."

آخر ۾ پرتڪلف محفل–چانهہ نوشيءَ بعد، هن تقريب جو اختتام ٿيو.

–ادارو



عوامي حلقن جي تعاون سان، ڪنڊ ڪڙڇ ۾ همه گير احتجاجي مهم هلائڻي هئي. ’يوم سنڌي زبان‘ ملهائڻ لاءِ هڪ ابتدائي ’ائڪشن ڪاميٽي‘ پڻ جوڙي ويئي، جنهن تي سنڌي ادبي سنگت پاران شمشيرالحيدري (اڳوڻي جنرل سيڪريٽري، ’سنڌ سنگت‘) ۽ ناصر مورائي (اڳوڻي سيڪريٽري، حيدرآباد ’سنڌي ادبي سنگت‘)، ۽’ پاڪستان رائيٽرس گلڊ‘ سنڌي پاران ڊاڪٽر تنوير عباسي (اڳوڻي سيڪريٽري) کي چونڊيو ويو. ڪاميٽيءَ کي اختيار ڏنو ويو ته وڌيڪ ميمبر پاڻ سان شامل ڪري، ’يوم سنڌي زبان‘ ملهائڻ جي تاريخ مقرر ڪري، ۽ ان کي ڪامياب بنائڻ لاءِ هرقسم جا اپاءَ اختيار ڪري.

’سنڌ سنگت‘ جي ڊيليگيٽ ڪانفرنس ڏينهن جو ايائي ٻجي تائين جاري رهي، جنهن بعد تنظيمي ڪاميٽيءَ جو اجلاس شروع ٿيو. ان ۾ ’سنڌ سنگت‘ جي تنظيمي معاملن تي ويچاريو ويو، ۽ آخر ۾ ٺهراءَ بحال ڪيا ويا.

اهم ٺهراءُ سنڌي زبان جي باري ۾ هو، جنهن ۾ تعليمي ڪميشن جي سفارشن جي سخت مذمت ڪئي ويئي، ۽ سنڌيءَ کي سرڪاري زبان تسليم ڪرڻ جو مطالبو دهرايو ويو. انهيءَ ٺهراءَ ۾ ٻين ٻه سڀني علاقائي زبانن کي سرڪاري زبان طور تسليم ڪرڻ جي حمايت ڪئي ويئي.

هڪ ٺهراءَ ۾ حڪومت جو ڌيان ڇڪائيندي، تقاضا ڪئي ويئي ته هن علائقي جي بنيادي جمهوريتن جو رڪارڊ سنڌيءَ بدران اڙدوءَ ۾ رکڻ جي رجحان کي روڪيو وڃي.

هڪ ٺهراءَ ۾ اختياريءَ وارن تي زور آندو ويو ته حيدرآباد ۾ قائم ڪيل، سرڪاري خرچ سان هلندڙ، سنڌ پراونشل لئبرريءَ جي انتظام کي سڌاريو وڃي، ۽ ان ۾ سنڌي ڪتاب مهيا ڪيا وڃن.

’ڪينجهر‘ ڍنڍ جي اصل نالي کي تبديل ڪرڻ واري قدم کي تاريخي ۽ ثقافتي لحاظ کان نامناسب قرار ڏيندي، حڪومت کي گذارش ڪئي ويئي ته اصل نالو قائم رکيو وڃي.

سنڌي زبان جي تعليمي مسئلن تي غور ڪندي، شاگردن جي سرگرمين کي ضابطي هيٺ آڻڻ لاءِ حڪومت جي نافذ ڪيل ”يونيورسٽي آرڊيننس“ کي پڻ رد ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو، ۽ شاگردن جي جدوجهد کي ساراهيندي، سندن مطالبن جي ڀرزور تائيد ڪئي ويئي.

هڪ ٺهراءَ ذريعي، حڪومت تي زور آندو ويو ته ملڪ جي دستور ۾ اقوام متحده جي بنيادي انساني حقن کي ضرور شامل ڪيو وڃي.

## ”٩-ڊسمبر ١٩٦٢ع“.

ساڳئي ڏينهن شام جو ”يوم سنڌي زبان“ ملهائڻ واريءَ ائڪشن ڪاميٽيءَ جي گڏجاڻي ٿي، جنهن ۾ حيدرآباد جي مختلف ادبي ۽ اشاعتي جماعتن — بزم طالب المولا، ادارهٔ آواز ادب، زندگي پبليڪيشن ۽ سنڌ و ساڻيهه سنگت — ۽ سنڌ يونيورسٽي، سچل سرمست ڪاليج، سنڌ ڪامرس ڪاليج، سٽي آرٽس ڪاليج ۽ ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج جي ادبي مجلسن جي نمائندن کي ’ائڪشن ڪاميٽيءَ‘ ۾ شامل ڪيو ويو. ائڪشن ڪاميٽيءَ، ٩-نومبر تي، جمعي ڏينهن، ”يوم سنڌي زبان“ ملهائڻ جو اعلان ڪيو.

---

(١) حيدري ۽ ناصر ادبي سنگت تان ۽ تنوير عباسي، رائٽرس گلڊ تان استعفا ڏئي چڪا آهن.

خوش قسمتيءَ سان، ساڳئي ڏينهن، سرڪار پاران سنڌي زبان جي اڳين تعليمي حيثيت کي بحال ڪرڻ جو آرڊيننس راولپنڊيءَ ۾ جاري ڪيو ويو، جنهنڪري تعليمي ڪميشن جي سنڌيءَ بابت سفارشن خلاف وڏيڪ احتجاج ڪرڻ بجاءِ، سنڌي زبان سان پنهنجي دلي وابستگيءَ جي اظهار طور، ”يوم سنڌي زبان“ کي هاڻي خوشيءَ ۽ شادماني جي صورت ۾ ملهائڻ جو فيصلو ڪيو ويو. ائڪشن ڪاميٽيءَ، پنهنجين مسلسل نشستن ۾، سنڌي زبان، ادب ۽ ثقافت سان تعلق رکندڙ تقريباً سڀني پهلوئن تي غور ڪري، ٢٥ نعراءِ تيار ڪيا، ۽ سنڌ جي سمورين قابل ذڪر ادبي ۽ سماجي جماعتن کي ”يوم سنڌي زبان“ جو پروگرام، نعراءِ وغيره پهچايا ويا. ”يوم سنڌي زبان“ جي انهيءَ مقرريءَ ۽ پروگرام کي سڄيءَ سنڌ ۾ قبوليو ويو، ۽ ٩-نومبر ١٩٦٢ع تي، شهرن توڙي ڳوٺن ۾، انتهائي سنجيدگيءَ سان، سنڌي زبان جي علمي، ادبي، ثقافتي ۽ تعليمي صلاحيتن جو ڪامياب مظاهرو ڪيو ويو. شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ادبي مجلسون، مشاعرا، ناٽڪ ۽ ثقافتي نمائشون ڪيون ويون؛ هرهنڌ پبلڪ جلسا ڪيا ويا؛ شاگردن جلوس ڪڍيا؛ اسٽوڊنٽس يونين ۽ پارن جي ڦلواڙيءَ هرهنڌ پنهنجون الڳ ميٽنگون ڪيون؛ سڀني اخبارن 'يوم سنڌي زبان' بابت ايڊيٽوريل لکيا، ۽ سنڌي ادب ۽ ثقافت بابت شعر ۽ مقالا شايع ڪيا: اِن طرح، ڪنڊ ڪڙڇ ۾ سنڌي زبان جو پرچار ڪيو ويو، ۽ ان جي ترقيءَ، حفاظت ۽ خدمت جو نئين سر عهد ڪيو ويو. چند ڪارروايون هيٺ پيش ڪجن ٿيون.

## حيدرآباد-

حيدرآباد ۾ ”يوم سنڌي زبان“ ڌام ڌوم سان ملهايو ويو. 'سنڌ سنگت' جي فيصلن مطابق، سڄيءَ سنڌ ۾ 'يوم سنڌي زبان' ملهائڻ جو مرڪز حيدرآباد کي ٺهرايو ويو هو، ۽ انهيءَ ڪري ائڪشن ڪاميٽيءَ تي به حيدرآباد جي ادبي ادارن جي نمائندگي رکي وئي. حيدرآباد جي مختلف ادبي ادارن جي انهيءَ ائڪشن ڪاميٽيءَ پاران، پنهنجن سمورن جماعتي وسيلن سان، مختلف ادبي ۽ ثقافتي پروگرام پيش ڪيا ويا. شام جي پنجين بجي ڪان، تلڪ چاڙهيءَ تي سردار بهادر محمدبخش هال ۾، هرطبقي جا سنڌي سڄڻ وڏي تعداد ۾ پهچڻ شروع ٿي ويا. ٻاهر ”يوم سنڌي زبان“ جو اشتهار لڳل هو، ۽ رنگ‌برنگي روشنين سان دروازي کي سينگاريو ويو هو. سنڌي ادبي سنگت، پاڪستان رائيٽرس گلڊ (سنڌي)، بزم طالب المولا، اداره آواز ادب، زندگي پبليڪيشنس، سنڌ و سائيهه سنگت، ۽ سنڌ يونيورسٽي ۽ مقامي ڪاليجن جي سنڌي ادبي مجلسن جا ڪارڪن اڳيئي موجود هئا. ائڪشن ڪاميٽي ۾ شامل مڙني ڇهن ادبي ادارن جا جماعتي نشان (مونوگرام) اسٽيج تي لڳل هئا. ٿوريءَ ئي دير ۾ سڄو هال پرجي ويو، ۽ ڪيترن ئي سنڌيءَ جي شائقن کي موٽي وڃڻو پيو. سنڌيءَ جي ائڪل ڏيڍ هزار شيدائين جو اهو عظيم الشان اجتماع حيدرآباد جي تاريخ ۾ يادگار رهندو.

جلسي جي صدارت بورڊ آف انٽرميڊيٽ اينڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن جي چيئرمين، ڊاڪٽر غلام حسين صاحب جعفريءَ ڪئي، ۽ ائڪشن ڪميٽيءَ جي ڪنوينر، شمشيرالحيدريءَ، ڪارروائي هلائي.

ڏيپلائي صاحب سنڌي اخبارن ۽ رسالن ۽ صحافت متعلق انگ اکر ٻڌايا، ۽ ڊڪلريشن متعلق تڪليفون بيان ڪيون. ان طرح، سنڌي زبان جي باري ۾ ڪيترين ئي ڪارگر حقيقتون سيني جي سامهون آيون. لياقت ميڊيڪل ڪاليج جي هڪ شاگرد، مسٽر سردار احمد، اڙدوءَ ۾ شاهه صاحب جي ڪلام بابت تقرير ڪئي، شاهه جي شاعرانه عظمت جو اعتراف ڪيو.

ان کان پوءِ سنڌي زبان جي علمي، ادبي، تعليمي ۽ ثقافتي مسئلن سان تعلق رکندڙ ڪُل ٢٥ ٺهراءَ، يڪراءِ، جوش خروش سان منظور ڪيا ويا. ائڪشن ڪميٽيءَ جا رٿيل اهي ٺهراءَ، 'يوم سنڌي زبان' جي سلسلي ۾ ڪيل جلسن ۽ ميٽنگن ۾ هرهنڌ بحال ڪيا ويا، جيڪي اڳرات سڀني ادبي ۽ سماجي جماعتن کي پهچايا ويا هئا.

## ٺهراءَ

(١) سنڌي ڳالهائيندڙ اديبن، شاعرن، تعليمي ماهرن، دانشورن، شاگردن ۽ معزز شهرين جو هيءُ اجلاس پاڪستان سرڪار جي انهيءَ فيصلي کي ساراهي ٿو، جنهن موجب هن علائقي جي تعليمي ادارن ۾ سنڌي زبان جي اڳينءَ حيثيت کي بحال ڪيو ويو آهي— ۽ ان کي هڪ دانشمندانه قدم قرار ڏيندي، پنهنجي دلي اطمينان ۽ خوشيءَ جو اظهار ٿو ڪري. هن اجلاس کي اميد آهي ته سنڌي زبان جي ترقيءَ لاءِ سرڪار سمورا ضروري وسيلا مهيا ڪندي.

(٢) سنڌي زبان صدين کان وٺي هن علائقي جي سرڪاري زبان رهي آهي، ۽ اها سڀني سرڪاري توڙي نيم سرڪاري ادارن ۽ ڪورٽن ۾ استعمال ٿيندي رهي آهي. گذريل چند سالن کان، ڪن سرڪاري ادارن ۾ اهڙا امڪان پيدا ٿي چڪا آهن، جن سان سنڌي زبان جي استعمال واري سرشتي تي نقصانڪار اثر پئجي رهيو آهي. مثال طور، سرڪاري نوٽس بورڊ، فارم، وغيره، سنڌيءَ ۾ نٿا لکيا وڃن. هن اجلاس جو پرزور مطالبو آهي ته اها صورتحال هڪدم ختم ڪئي وڃي، ۽ سنڌي زبان کي پاڪستان جي 'سرڪاري زبان' تسليم ڪيو وڃي.

(٣) سنڌي زبان، سنڌ اندر رهندڙ سمورن ماڻهن جي وچ ۾، سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جو هڪ عام ذريعو آهي— ۽ سمورن سرڪاري ملازمن، واپارين ۽ ٻين ماڻهن کي ان جي ڄاڻ ۽ سکڻ جي ضرورت آهي. انهيءَ حقيقت کي نظر ۾ رکندي، سابق سنڌ سرڪار سمورن نون سنڌي شاگردن لاءِ سنڌي زبان جي سکيا لازمي ٺهرائي هئي، ۽ سرڪاري ملازمن کي به لازمي طرح سنڌيءَ جو امتحان پاس ڪرڻو ٿيندو هو. ڏٺو ويو آهي ته نه رڳو انهيءَ قاعدي تي ڪوبه عمل نٿو ڪيو وڃي، بلڪ خاص طرح مشنري اسڪولن ۾ سنڌيءَ جي تعليم کي ترڪ ڪيو ويو آهي. انهيءَ ڪري هيءُ اجلاس تقاضا ٿو ڪري ته ثانوي سطح تي سنڌيءَ جي تعليم انهن سڀني شاگردن لاءِ لازمي ٺهرائي وڃي، جن جي مادري زبان سنڌي نه آهي، ۽ ٻڻ سرڪاري ملازمن لاءِ سنڌيءَ جو امتحان لازمي ٺهرايو وڃي. ساڳئي وقت، مشنري اسڪولن کي هدايت ڪئي وڃي ته هو سنڌيءَ جي تعليم جاري رکن.

## ڪراچي.

اين. اي. لا-ڪاليج ۾ شاگردن جو وڏو جلسو منعقد ٿيو. مسٽر حسين عادل جي صدارت ۾، سندس جڳهه تي، شهر جي اديبن، شاعرن ۽ دانشورن جو شاندار ميڙ ٿيو. ڪٺڏي ۾ عام شهرين ۽ ادب دوستن جو جلسو ٿيو. سيني هنڌن تي سنڌي زبان بابت تقريرون ڪيون ويئون، شعر پڙهيا ويا، ۽ نعراءِ بحال ڪيا ويا.

## ميرپور بٺورو.

اديبن، شهرين ۽ شاگردن جو جلوس پرئڪٽسنگ اسڪول ڪان نڪتو، جو 'هو جمالو' ڳائيندو، تعليمي ڪميشن خلاف نعرا هڻندو، شهر جي مکيه جاين تي تقريرون ڪندو، پبلڪ پارڪ ۾ پهتو، جتي سيٺ خواجه محمدعيسيٰ جي صدارت هيٺ عام جلسو ٿيو. سنڌي ادبي سنگت ٽيچرس انسوسئيشن بزم طالب‌المولىٰ بزم سنڌي ادب ۽ مختلف تعليمي ادارن جي ڪارڪنن جلسي کي خطاب ڪيو. آخر ۾ نعراءِ بحال ڪيا ويا.

سنڌي زبان جي بقاء جو فقط هي ۽ هڪ واحد طريقو آهي ته،
”سنڌين ۾ ’قوت فڪر‘ پيدا ٿئي، جيئن هو ’نئين خيال‘
۽ نئين معنيٰ کي سنڌي زبان ۾ قلمبند ڪن. ائين ڪرڻ
سان هوند ’زبان‘ جي زندگي ۽ بقاء جو سوال پاڻهي
حل ٿي وڃي.“

علامه، آءِ، آءِ، قاضي.